سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# والدين جا

# 3 حق

قسط پهرين

**19 جون 2025**



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: 5 منٽ **(3):** جائزو: 5 منٽ ڪُل وقت: 15 منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ والدين جا 3 حق (پهريون حصو) سيکاريا ويندا ۽ ڪُفر ۽ مُفلسي کان پناهه جي دعا ياد ڪرائي ويندي. ۽ آخر ۾ نيڪ اعمالن جي رسالي مان اجتماعي جائزو به ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: "مون تي دُرُود شريف پڙهو، الله پاڪ توهان تي رحمت نازل فرمائيندو." (1)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدين جا 3 حق (قسط پهرين)

### آيت مبارڪ

وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا (پاره: 1، البقرة: 83)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو.

### فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "والدين جي نافرماني کان بچو! بيشڪ جنت جي خوشبو هڪ هزار سال جي فاصلي تان سُونگهي سگهجي ٿي. خدا جو قسم...! والدين جو نافرمان ان جي خوشبو به نه ماٽي سگهندو." (2)

1... جامع صغير ، صفحه: 310،حديث:5032۔
2... معجم اوسط ،جلد:4،صفحه:187،حديث:5664۔

# والدين جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي والدين سان نيڪي ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو آهي. هي جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي. اچو! ته والدين جا 3 حق سکون ٿا:

## پهريون حق: اطاعت ۽ فرمانبرداري

وضاحت: امڙ ۽ ابي جي هر جائز ڳالهه مڃڻ فرض آهي. (1) ان ڪري جڏهن به ماءُ پيءُ ڪنهن ڳالهه جو حڪم ڏين يا ڪنهن ڳالهه کان منع ڪن ته فوراً انهن جي ڳالهه مڃي وٺو! ادب انهيءَ ۾ ئي آهي ته روزانو جي ننڍن ننڍن ڪمن ۾ به انهن جي فرمانبرداري ڪئي وڃي، مثال طور: ❁والده بازار مان ڪا شيءِ آڻڻ لاءِ چيو، ته فوراً آڻي ڏجي. ❁ڪڏهن ڪڏهن پاڻي ٻاهران پري اچڻو پوندو آهي، جيڪڏهن انهن ائين ڪرڻ جو چيو، ته پري اچجي. ❁حڪم ڏنائون ته: موبائيل نه هلايو! ته نه هلايو! ❁حڪم ڏيو: جلدي سمهي پئو! ته جلدي سمهي پئو! مطلب ته: ماءُ پيءُ اٿڻ جو چون ته ٻانهو اٿي، ويهڻ جو چون ته ويهي رهي. اهڙيءَ طرح هر هر ڳالهه ۾ انهن جي فرمانبرداري ڪئي وڃي. انهيءَ ۾ ئي ادب آهي، اهو ئي ضروري آهي. جيڪڏهن اسان جي ڳالهه نه مڃڻ سبب سندن دل ڏکي ٿي ته مَعَاذَ الله! الله پاڪ ناراض ٿي سگهي ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي: ”جنهن اهڙي حالت ۾ شام ڪئي جو ماءُ پيءُ جي باري ۾ الله پاڪ جي نافرماني ڪندڙ هجي، ان لاءِ جهنم جا ٻه دروازا کلي ويندا آهن.“ (2)

نوٽ: جيڪڏهن ماءُ پيءُ ڪنهن ناجائز ڪم جو حڪم ڏين ته ان ۾ انهن جي اطاعت جائز ناهي، جو ته الله ۽ رسول جو حق ماءُ پيءُ کان وڌيڪ آهي. البته ان صورت ۾ به انهن جي بي ادبي جي اجازت نه هوندي، مثال طور: جيڪڏهن ماءُ پيءُ ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو چون ته انهن سان بحث ۽ جهيڙو نه ڪيو، بلڪ ادب سان معذرت ڪري ڇڏيو يا خاموشي اختيار ڪيو.

1... فتاوی رضويه، جلد:21،صفحه:157،بتغير قليل ـ

2... شعب الايمان، باب فی بر الوالدين، جلد:6،صفحه:206،حديث:7916ـ

### ٻيو حق: والدين کي راضي رکڻ

**وضاحت**: فتاويٰ رضويہ شريف ۾ آهي: ”ماءُ پيءُ کي راضي رکڻ واجب ۽ ناراض ڪرڻ حرام آهي.“ هڪ ٻئي هنڌ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکن ٿا: ”ناراض ۽ راضي ڪرڻ انهن جي واضح حڪم سان خاص ناهي.“ (1) (يعني جيڪڏهن والدين حڪم نہ بہ ڏنو هجي، پر معلوم هجي تہ فلاڻي ڪم ڪرڻ سان اهي ناراض ٿيندا، تڏهن بہ ان ڪم کان بچڻ ضروري آهي). هاڻي هر شخص غور ڪري تہ اسان جي ڪهڙي ڪم سان ماءُ پيءُ کي تڪليف ٿيندي آهي ۽ ڪهڙي سان نہ، مثال طور: ❁پُٽ سگريٽ پيئي ٿو، ماءُ پيءُ کي ان مان تڪليف ٿئي ٿي، هاڻي ضروري آهي تہ اهو سگريٽ نہ پيئي. ❁پُٽ بُرن دوستن وٽ ويهي ٿو، ماءُ پيءُ کي تڪليف ٿئي ٿي، هاڻي ماءُ پيءُ کي پرچائڻ لاءِ اهڙن دوستن کي ڇڏي ڏيڻ ضروري هوندو. ❁ اهڙيءَ طرح اهي ڪم جيڪي ماءُ پيءُ جي بي عزتي جو سبب بڻجن، مثال طور: پاڙي مان پُٽ جون شڪايتون اچڻ، اهڙن ڪمن کان بچڻ بہ ضروري آهي. حديث شريف ۾ آهي: ”اللہ پاڪ جي رضا، والدين جي رضا ۾ آهي ۽ اللہ پاڪ جي ناراضگي، والدين جي ناراضگي ۾ آهي.“ (2)

### ٽيون حق: والدين جي خدمت ڪرڻ

**وضاحت**: خدمت جا مختلف طريقا ٿي سگهن ٿا، مثال طور: ❁انهن کي سنا سنا ڪاڏا ڪارائڻ. ❁سندن هٿ پير دٻائڻ. ❁ متي ۾ تيل لڳائڻ، ❁ مالش ڪرڻ تہ جيئن انهن کي سڪون ملي. ❁سندن ضرورتن جو خيال رکڻ. ❁سندن پسند جون شيون حاضر ڪرڻ. ❁ ڪپڙا، جُتا وغيره شيون خريد ڪري ڏيندي رهڻ. ❁بيمار ٿي وڃن تہ دوا وغيره وني ڏيڻ، ❁سندن صحت لاءِ دُعائون گهرڻ. ❁سندن ويجهو ويهڻ، ڳالهيون ڪرڻ، انهن کي وقت ڏيڻ. ❁سندن مالي خدمت ڪرڻ وغيره، هي سڀ خدمت جا ئي طريقا آهن. خاص طور تي جڏهن ماءُ پيءُ پوڙها ٿي وڃن، تڏهن

---

1... فتاوی رضویہ ،جلد:10،صفحہ:679،ملخصًا۔

2... شعب الایمان :باب فی بر الوالدین ،جلد:6،صفحہ:177،حدیث :7830۔

اهي انهن خدمتن جا وڌيڪ محتاج هوندا آهن. مسلم شريف ۾ آهي: پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم 3 ڀيرا فرمايو: ”اُهو ذليل ۽ خوار آهي، اُهو ذليل ۽ خوار آهي، اُهو ذليل ۽ خوار آهي.“ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڪير ذليل ۽ خوار آهي؟ فرمايائون: ”جيڪو پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ کي پيريءَ ۾ لهي ۽ (انهن جي خدمت ڪري) جنت ۾ داخل نہ ٿي سگهي.“ (1)

### دهرائي

اڄ اسان والدين جا هي 3 حق سکيا آهن، ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو: (1): اطاعت ۽ فرمانبرداري (2): والدين کي راضي رکڻ (3): والدين جي خدمت ڪرڻ

## سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### ڪُفر ۽ مُفلسي کان پناہ جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْۤ اَعُوْذُبِكَ مِنَ الْكُفْرِ وَالْفَقْرِ وَعَذَابِ الْقَبْرِ

ترجمو: اي الله! آءٌ ڪُفر، محتاجي ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناہ گهران ٿو. (2)

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3): هر نماز کان اڳ نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمہ ۽ سُوْرَة الْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪنن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظر کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي

1... مسلم ،كتاب البر والصلة والآداب،باب رغم انف من ادرك ابويه ...الخ ،صفحہ:991،حديث:2551۔

2... سنن نسائى ،كتاب السهو ،باب التعوذ فى دبر الصلاة ،صفحہ:231،حديث:1344۔

ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت ڪان پوءِ ٻن ڪلاڪن اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ ڪان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): (27) هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28) گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبہ ڪئي؟ (29) سُنّت جي مطابق ماني ڪاڌي؟ (30) مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31) سنتّن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ (32) ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض ڪان پهريان ادا ڪيون؟ (33) تهجد يا صلوٰة الّليل ادا ڪئي؟ (34) اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35) عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36) 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37) ٻين ڪان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38) ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي ڪان بچيؤ؟ (39) ڪجھ نہ ڪجھ وقت”مدني چينل“ ڏنو؟ (40) ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41) وقت تي قرض ڏنو؟ (42) عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جنهن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43) صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44) مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45) فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ (46) ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪم ڪان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47) چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48) اسراف ڪان بچيؤ؟ (49) ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50) تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51) زبان جي گناهن

کان بچيا؟ (52) فضول گفتگو کان بچيا؟(53) مذاق مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟(54) عمامو شريف ٻَڌو؟(55) پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ و ثواب ڪيو؟(56) ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون هيٺ ڪري گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57) اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58) هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59) هفتہ وار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60) يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61) مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62) هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63) هفتہ وار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64) علاقائي دورو ڪيو (65) پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟